SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر XXV مجريه 2013

# SINDH ACT NO.XXV OF 2013

# سنڌ (ايڊهاڪ ۽ ڪانٽريڪٽ ملازمن کي مستقل ڪرڻ) ايڪٽ، 2013

# THE SINDH (REGULARIZATION OF ADHOC AND CONTRACT EMPLYEES) ACT, 2013

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. وصفون
Definition

3. ملازمن جي ملازمتن جي مستقلي
Regularization of services of employees

# سنڌ ايڪٽ نمبر XXV مجريه 2013
# SINDH ACT NO.XXV OF 2013
# سنڌ (ايڊهاڪ ۽ ڪانٽريڪٽ ملازمن کي مستقل ڪرڻ) ايڪٽ، 2013
# THE SINDH (REGULARIZATION OF ADHOC AND CONTRACT EMPLYEES) ACT, 2013

[25 مارچ 2013]

ايڪٽ جنهن ذريعي ايڊهاڪ ۽ ڪانٽريڪٽ بنيادن تي مقرر ڪيل ڪجھ ملازمن جي ملازمتن يا ٻي صورت ۾ (ڏهاڙي ۽ ڪم مطابق معاوضي ڏيڻ جي بنياد تي مقرر ڪيل ملازمن جي) کي مستقل ڪيو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ صوبي ۾ ايڊهاڪ ۽ ڪانٽريڪٽ بنيادن تي مقرر ڪيل ڪجھ ملازمن جي ملازمتن يا ٻي صورت ۾ (ڏهاڙي ۽ ڪم مطابق معاوضي ڏيڻ جي بنياد تي مقرر ڪيل ملازمن جي) کي مستقل ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي، جيڪو هن ريت هوندو؛

ان کي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ (ايڊهاڪ ۽ ڪانٽريڪٽ ملازمن کي مستقل ڪرڻ) ايڪٽ، 2013 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

وصفون

2. هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجھ مفهوم ۾ ٻيو گهربل

Definition

هجي:

(a) "ايڪٽ" مطلب سنڌ سول سرونٽس ايڪٽ، 1973؛

(b) "ملازم جي مقرري" مطلب ايڊهاڪ ۽ ڪانٽريڪٽ بنيادن تي گهربل صلاحيت رکندڙ ملازمن يا ٻي صورت ۾ (ڏهاڙي ۽ ڪم مطابق معاوضي ڏيڻ جي بنيادن تي مقرر ڪيل ملازمن جي) کي مستقل ڪرڻ؛

(c) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(d) "ملازم" مطلب اهو شخص جيڪو ايڊهاڪ ۽ ڪانٽريڪٽ بنيادن تي يا ٻي صورت ۾ (ڏهاڙي ۽ ڪم جي معاوضي تي مقرر ڪيل ملازم ڪانسواءِ) مقرر ڪيو ويو هجي؛

(e) "عهدو" مطلب عهدو جيڪو سرڪاري کاتي ۾ ملازم وٽ هجي ۽ ان ۾ شامل آهي اهڙي ڪنهن کاتي جي پروجيڪٽ ۾ عهدو، جيڪو صوبي جي معاملن سان لاڳاپيل هجي.

ملازمن جي ملازمتن جي مستقلي
Regularization of services of employees

3. جيستائين ڪجهه ان سلسلي ۾ جوڙيل هن ايڪٽ يا قاعدن يا عدالت جي ڪنهن فيصلي، ڊڪري، حڪم يا فتويٰ جي متضاد نه هجي، پر هن ايڪٽ جي ٻين گنجائشن موجب ايڊهاڪ يا ڪانٽريڪٽ بنيادن يا ٻي صورت ۾ (ڏهاڙي ۽ ڪم جي معاوضي تي مقرر ڪيل ملازم ڪانسواءِ) تي بي ايس-1 کان بي ايس -18 تائين يا ان جي برابر اسڪيل ۾ مقرر ٿيل هجي، يا ٻي صورت ۾ اهڙي عهدي تي مقرري جي قابليت رکندڙ هجي ۽ سرڪاري کاتي ۾ ملازمت ۾ آهي ۽ صوبي جي معاملن سان لاڳاپيل ڪنهن پروجيڪٽ ۾ آهي، اهو فوري طور هن ايڪٽ جي لاڳو ٿيڻ کان اڳ مقرر ڪيل هجي ته ان کي موثر نموني ۽ ضابطي

هيٺ مستقل سمجهيو ويندو.

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**